# چنبڊ چا ڏٺو

هڪ ڇوڪري پنهنجي لکڻ واري ميز آڏو ويٺي هئي. هوءَ ڪهاڻي لکڻ پئي چاهي، سوچي پئي ته ڇا لکان. ان جي خواهش هئي ته ليکڪا بڻجان ۽ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون لکان. پر ان وقت کيس اهو سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته هوءَ ڇا لکي.

هن ميز جي پويان کليل دريءَ منجهان آسمان کي ڏٺو. ته کيس پنهنجو پراڻو دوست چنڊ نظر آيو. اهو مرڪي رهيو هو.

چنڊ اڪثر خاموشي سان ڇوڪريءَ سان ڳالهائيندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن چنڊ جي ڳالهين منجهان ڇوڪريءَ جي دماغ ۾ ڪنهن نئي ڪهاڻيءَ جو اڻ لکو خيال اپرندو هو. ان ڏينهن چنڊ کيس ٻڌائي رهيو هو ته هن ڌرتي تي ڇا ڏٺو.

”ڪالهه منهنجي نظر هڪ گهر جي ننڍڙي اڱڻ تي پئي. اتي هڪ ڪڪڙ ۽ ان جا ٻارنهن چوزا هئا. سڀئي ڏاڍا خوش نظر پئي آيا. ڪڪڙ مٽي مان ڪجهه چڳي رهي هئي ۽ چوزا پنهنجي راند ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي رهيا هئا. ايتري ۾ اتي هڪ خوبصورت ڇوڪري اچي نڪتي، هوءَ چوزن جي پويان ڀڄڻ لڳي، ڪڪڙ ۽ چوزا گهبرائجي ويا، ڪڪڙ رڙيون ڪرڻ لڳي، ۽ پنهنجا پر ڦهلائي چوزن کي انهن جي اندر لڪائڻ لڳي.

گوڙ ٻڌي ڇوڪريءَ جو پيءُ ڪمري مان نڪري اڱڻ ۾ آيو. ان ڇوڪريءَ کي دڙڪا ڏنا ۽ سندس هٿ پڪڙي ان کي اندر وٺي ويو.

اهو ڪلهه ٿيو هو.

اڄ شام مون وري انهيءَ اڱڻ ۾ ليئو پاتو ته ڪڪڙ ۽ ان جا ٻچا آرام ڪري رهيا هئا. هر طرف خاموشي هئي، ايتري ۾ وري اها ڇوڪري اتي آئي.

جيئن ئي ڪڪڙ ۽ چوزن کيس ڏٺو ته ٻپ منجهان هنن پنهنجا پر ڦڙڪايا، ۽ زور زور سان چون چون ڪندي رڙيون ڪرڻ لڳا. جڏهن مون اهو ڏٺو ته مون کي ان ضدي ڇوڪريءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي.

ايتري ۾ ٻيهر سندس پيءُ اڳڻ ڏانهن آيو. ڪاوڙ منجهان ڇوڪريءَ کان پڇيائين ”تون وري هتي ڇا ڪرڻ آئي آهين؟“.

ڇوڪري روئڻ لڳي ” مان ته بس ڪڪڙ کي پيار ڪرڻ آئي هئس ۽ پنهنجي ڪلهه واري غلطي جي لاءِ ان کان معافي گهرڻ ٿي چاهي. پر ان کي ته ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه اچي.“

پيءَ مرڪندي چيو ”ته اها ڳالهه آهي.. هاڻي مون کي سمجهه ۾ آيو ته تو ڇا پئي چاهين.“ هن جهڪي پنهنجي ڌيءَ کي پيار ڪيو ”تون منهنجي پياري ڌيءَ آهين، ڏس هوءَ جانور آهي، ايئن تنهنجي ڳالهه ڪونه سمجهندي، هاڻي جي تون ان جي ۽ چوزن جي ويجهو نه وڃين ۽ پري پري کان انهن سان ڳالهائين ته پوءِ آهسته آهسته اهي تنهنجي ڳالهه سمجهي ويندا.

هينس ڪرسچن ايڊرسن جي ڪهاڻي

مطابقت ۽ ترجمو

سنڌي ۾ ترجمو

عطيه دائود